2 جولاءِ 2026ع (مطابق: 17 محرم شريف 1448ھ)

تي پاڪستان ۾ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اجتماعات ۾ ٿيڻ وارو بيان

# آذانِ بلال جو ذڪرِ خير

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ…

- ✿ ... بلال اسان کي آذان سان راحت پهچاءِ
- ✿ ... آذان کان اڳ ۽ پوءِ جا معمولات
- ✿ ... جڏهن آذانِ بلال جي نقالي ڪئي وئي
- ✿ ... عزت جو معيارتقويٰ آهي

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم: قيامت جي ڏينهن ماڻهن مان منهنجي سڀ ڪان ويجهو اُهو شخص هوندو، جيڪو مون تي سڀني ڪان وڌيڪ درود شريف پڙهڻ وارو هوندو.[1]

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! درود پاڪ اهڙي اعليٰ نيڪي آهي جنهن جي برڪت سان قربِ مصطفيٰ نصيب ٿيندو آهي.

مشهور مفسرِ قرآن مفتي احمد يار خان نعيمي رَحمةُ اللّٰهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: قيامت جي ڏينهن سڀني ڪان وڌيڪ آرام ۾ اُهو شخص هوندو جيڪو حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ هوندو ۽ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو ساٿ (يعني قربت، ويجهڙائپ) نصيب ٿيڻ جو ذريعو درود شريف جي ڪثرت ڪرڻ آهي. هن حديث پاڪ مان معلوم ٿيو تہ درود شريف تمام بهترين نيڪي آهي ڇوتہ ٻين سڀني نيڪين سان جنت ملندي آهي ۽ درود پاڪ پڙهڻ سان

[1]...ترمذی، ابواب الوتر، باب ما جافی فضل الصلوة...الخ، صفحہ:144، حدیث:484۔

جنت جا گهوٽ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ملندا آهن.[1]

حشر میں کیا کیا مزے وارفتگی کے لُوں رضا | لَوٹ جاؤں پا کے وہ دامانِ عالی ہاتھ میں [2]

**وضاحت:** اعليٰ حضرت رَحمۃُاللهِ عَلَيْه جو جوشِ عشق ڏسو فرمائي رهيا آهن: اي رضا قيامت جي ڏينهن مان عشقِ رسول ۾ ديوان گيءَ جا مزا ماڻيندس، جڏهن پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو دامنِ ڪرم هٿ ۾ ايندو ته عشق ۽ محبت ۾ جهُومِي پوندس

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.[3]

اي عاشقانِ رسول! سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي، اچو ته بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا. نيت ڪيو ته ! ◈ الله جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ◈ باادب ويهندس ◈ خوب توجهه سان بيان ٻڌندس ◈ جيڪو ٻڌندس ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! 20 محرم شريف عظيم عاشقِ رسول حضرت بلال حبشي رَضِیَ اللّٰہُ عنه جو يومِ وصال ملهايو ويندو آهي. ان مناسبت سان اڄ اسان

---

1…مرآۃ المناجیح،جلد:2،صفحہ:100 بتغیر قلیل۔

2…حدائقِ بخشش،صفحہ:104۔

3…بخاری، کِتَاب بَدءُ الْوَحی، صفحہ:65، حدیث:1۔

حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عنه جو ذکرِ خير کرڻ جي سعادت حاصل کنداسين.

## حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عنه جو مختصر تعارُف

◈ اسان جا آقا حضرت بلال حبشي رَضِیَ اللّٰہُ عنه مشهور صحابيءِ رسول آهن ◈ سندن مبارڪ نالو: **بلال** ۽ لقب **موذنِ رَسول** آهي ◈ اسان جي آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم کين سَیِّدُ الْمُؤَذِّنِیْن(***leader of the all Muezzins***)( تمام آذان ڏيڻ وارن جي سردار) جو خطاب ڏنو. [(1)] ◈ حضرت بلال حبشي رَضِیَ اللّٰہُ عنه سابِقُ الْاِسْلَام آهن، يعني پاڻ اسلام جي شروعات ۾ ئي ايمان قبول ڪري چڪا هئا ◈ غلاميءَ کان آزادي ملڻ کان وٺي پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي ظاهري وصال تائين پاڻ بارگاهِ رسالت ۾ حاضر رهيا ◈ پاڻ مُؤذِنِ رسول به آهن ۽ خازِنِ مصطفيٰ (***Treasurer***) (خزانچي) به آهن، يعني رسولِ اکرم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم مالي معاملن جي سارَ سنڀال جي ذميواري به کين سونپي هئي ◈ الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي ظاهري وصال کان پوءِ حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عنه شام ملڪ (***Syria***) ڏانهن تشريف وٺي ويا ۽ آخر تائين اتي ئي رهيا ◈ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عنه سن **20** هجريءَ ۾ هن فاني دنيا مان رخصت ٿيا. سندن مزار مبارڪ شام ملڪ ۾ آهي.[(2)]

اسلام کا جمال ہے تیرے جمال سے | سیرت تری ہے دِین کی اِک ترجماں بلال
کیا کیا ستم نہ ڈھائے تھے تجھ پر اُمیّہ نے | اقرارِ حق سے پھسلی نہ تیری زباں بلال

---

1…سير اعلام النبلاء، جلد:3، صفحه:220-

2…أُسد الغابه، جلد:1، صفحه:415و416، ملتقطاً-

| | |
|---|---|
| مکہ اَحَد اَحَد کی صداؤں سے گونج اٹھا | خورشیدِ انقلاب تھا تیرا بیاں بلال |
| بُوبکر نے خرید کے ایسے بڑھائے دام | دولت اگر زمیں ہے تو ٗتو آسماں بلال |

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي شان ۾ آيتون

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ ۽ انهن جهڙا ٻيا صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہم جن ڀريان غلاميءَ جي زندگي گذاري هئي، سندن شان ۾ هيءَ آيت نازل ٿي: (1)

| | |
|---|---|
| وَلَا تَطْرُدِ الَّذِیْنَ یَدْعُوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَدٰوةِ وَ الْعَشِیِّ یُرِیْدُوْنَ وَجْهَهٗ ؕ (پارو: 7، سورة انعام: 52) | ترجموڪنزالعرفان: ۽ انهن ماڻهن کي پاڻ کان پري نہ ڪريو جيڪي صبح ۽ شام پنهنجي رب کي سندس رضا چاهيندي پڪارين ٿا. |

هن آيتِ ڪريمہ ۾ اللہ پاڪ پنهنجي محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي حڪم ڏنو تہ اي محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! توهان هنن اصحابن کي پنهنجي بارگاهہ مان پري نہ ڪريو، هي تہ اُهي نيڪ ۽ پرهيزگار شخص آهن جيڪي صبح ۽ شام اللہ پاڪ جي عبادت ڪندا آهن ۽ عبادت بہ ڪهڙي...؟ ڏيکاءَ واري نہ، رياءَ واري نہ، دنيا جي لالچ واري نہ، پر هي عبادت ڪندا آهن ۽ یُرِیْدُوْنَ وَجْهَهٗ پنهنجي ان عبادت سان صرف اللہ جي رِضا چاهيندا آهن.

اللّٰہُ اَکْبَر! انهن صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہم جي شان ۾ اللہ پاڪ وڌيڪ ارشاد فرمائي ٿو:

1…تفسير قرطبی، پاره:7، سورهٔ انعام، زيرِ آيت:52، جلد:3، صفحہ:228.

| | |
|---|---|
| وَ اِذَا جَآءَكَ الَّذِیْنَ یُؤْمِنُوْنَ بِاٰیٰتِنَا فَقُلْ سَلٰمٌ عَلَیْكُمْ كَتَبَ رَبُّكُمْ عَلٰى نَفْسِهِ الرَّحْمَةَ (پارو: 7، سورة انعام: 54) | ترجموڪنزالعرفان: ۽ جڏهن اوهان جي بارگاهه ۾ اهي ماڻهو حاضر ٿين جيڪي اسان جي آيتن تي ايمان آڻيندا آهن تہ انهن کي فرمايو: توهان تي سلام توهان جي رب پنهنجي ذمي ڪرم تي رحمت لازم ڪري ڇڏي آهي. |

يعني اي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! هي پاڪ هستيون (يعني حضرت بلال، حضرت صهيب رومي رَضِیَ اللّٰہُ عنهما وغيره) جڏهن اوهان جي خدمت ۾ حاضر ٿين تہ اوهان سندن عزت افزائي ڪريو! ساڻن سلام ڪرڻ ۾ اڳرائي ڪريو! ۽ کين هيءَ خوشخبري ٻڌايو تہ الله پاڪ فضل ڪندي پنهنجي ذمي تي رحمت لازم ڪري ڇڏي آهي. (1)

حضرت خباب رَضِیَ اللّٰہُ عنه فرمائن ٿا: جڏهن هي آيتون نازل ٿيون تہ پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم اسان کي گهرايو، اسان حاضر ٿياسين تہ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم اِهي ئي آيتون تلاوت فرمائي رهيا هئا، ان ڏينهن کان پوءِ رسولِ اڪرم، نور مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم اسان کي پنهنجي ايترو تہ ويجهو ويهاريندا هئا جو اسان جا گوڏا جانِ ڪائنات، فخر موجودات صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي گوڏن سان ملي ويندا هئا. [2]

جب تک بِکے نہ تھے، کوئی پوچھتا نہ تھا | آپ نے خرید کر ہمیں انمول کر دیا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1…تفسير صراط الجنان، پاره:7، سورة انعام، زيرِ آيت:54، جلد:3، صفحہ:118، خلاصةً۔
[2] ابن ماجہ، ڪتاب الزهد، باب مجالسة الفقراء، صفحہ:671، حديث:4127ملخصاً۔

## اسلامي دنيا جا پهريان مؤذِن

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ اسلامي دنيا جا پهريان مؤذِن آهن. جڏهن پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم مديني پاڪ تشريف وٺي آيا، هتي اچي پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم مسجد نبوي شريف تعمير فرمائي، هاڻي مسلمانن لاءِ هڪ مرڪز ته ٺهجي چڪو هو پر نماز جي وقت ماڻهن کي سڏڻ جو ڪو واضح طريقو ان وقت تائين موجود نه هو. تنهنڪري مسلمانن جي ٻئي خليفي حضرت عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ ۽ حضرت عبد الله بن زيد رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کي خواب ذريعي آذان سيکاري وئي. پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جڏهن انهن ٻنهي حضرات جو خواب ٻڌو ته فرمايو:

يَا بِلَالُ قُمْ فَانْظُرْ مَا يَأْمُرُكَ بِهٖ عَبْدُ اللهِ بْنُ زَيْدٍ فَافْعَلْهُ

**ترجمو:** بلال ...!! اُٿي...!! جيڪو عبد الله بن زيد ٻڌائي ٿو، ان مطابق آذان ڏي.[1]

جيئن ته اسلام جي تاريخ ۾ اِها پهرين آذان هئي جيڪا حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ ڏني.

## بلال اسان کي آذان سان راحت پهچاءِ!

پيارا اسلامي ڀائرو! پهرين ڳالهه ته اذان پاڻ خدا ۽ رسول جو ذڪر آهي، ٻيو ته ان ۾ حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي اخلاص ۽ عشق رسول جي دلڪَشِي به شامل ٿي ويندي هئي ان سان گڏوگڏ حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جو مبارڪ آواز به تمام خوبصورت ۽ سوز ۽ نرمي وارو هو، تنهنڪري جڏهن مديني پاڪ جي گهٽيُن ۾ حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي آذان جو آواز گونجندو هو ته دلين ۾ ايمان جي تازگي

[1] ابو داود، كتاب الصلاة، باب بدء الاذان، صفحه:92، حديث:498.

پرجي ويندي هئي.

**هڪ حديث پاڪ ۾ آهي:** پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جڏهن غمگين ٿيندا هئا ته حضرت بلال رَضِيَ اللّٰهُ عنه کي فرمائيندا هئا:

قُمْ يَا بِلَالُ، فَأَرِحْنَا بِالصَّلَاةِ

**ترجمو:** بلال! اُٿ...!! نماز جي لاءِ آذان ڏئِي اسان جي دل کي راحت پهچاءِ...!![1]

حضرت مولانا روم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي وضاحت ۾ فرمائن ٿا: اصل ۾ حضرت بلال رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ تمام ئي باڪمال ۽ بي مثال شخصيت آهن، پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي پاڪ دل ۾ الله ۽ رسول جي محبت رچي بسي چڪي هئي، تنهنڪري محبتِ الاهيءَ سان سرشار دل مان نڪتل اذانِ بلال ٻڌي پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم راحت (سڪون) ماڻيندا هئا.

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏسو! ڪيڏو نه عظيم شان آهي حضرت بلال حبشي رَضِيَ اللّٰهُ عنه جو، جو سندن آذان جو آواز مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي راحت جو سبب بڻجندو هو.

سُنا ہے نام میں اثرات آ ہی جاتے ہیں | مگر بلال کے جیسا کوئی بِلال نہیں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## آذان کان اڳ ۽ پوءِ جا معمولات

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت بلال حبشي رَضِيَ اللّٰهُ عنه جو آذان ڏيڻ جو انداز به

[1] ابو داود، كتاب الادب، باب فی صلاة العتمة، صفحه:780، حديث:4986

ڏاڍو نرالو ۽ خوبصورت هو. روايتن ۾ آهي تہ: فجر جي وقت حضرت بلال رَضِیَ اللہُ عنه آذان ڏيڻ واري جاءِ تي وقت کان پهريون ئي پهچي ويندا هئا، اتي ئي ويهي فجر جو وقت شروع ٿيڻ جو انتظار ڪندا رهندا هئا، جڏهن وقت ٿيندو هو تہ پهريان هن طرح دعا ڪندا هئا: اي اللہ پاڪ! مان تنهنجي حمد ڪريان ٿو ۽ توکان مدد گهران ٿو، ان ڳالهہ تي تہ قريش هدايت قبول ڪن ۽ تنهنجي دين جا خدمتگار بڻجي وڃن. ان کان پوءِ آذان چوندا هئا.

پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جو معمول مبارڪ هو تہ نمازِ تهجد ادا ڪرڻ کان پوءِ ڪجهہ دير آرام فرمائيندا هئا. حضرت بلال رَضِیَ اللہُ عنه جڏهن فجر جي اذان ڏئي وٺندا هئا تہ مصطفيٰ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي دروازي تي حاضر ٿيندا هئا ۽ عرض ڪندا هئا: اَلسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا رَسُوْلَ اللہِ! پوءِ عرض ڪندا هئا: اَلصَّلٰوۃُ یَا رَسُوْلَ اللہِ! يعني يارسول اللہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم! اوهان تي سلام هجي، يا رسول اللہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم! نماز فجر جو وقت ٿي ويو آهي.[1]

سُبْحٰنَ اللہ! توهان غور ڪريو! اڄ دنيا ۾ لکين نہ پر ڪروڙين مؤذِن موجود آهن پر حضرت بلال رَضِیَ اللہُ عنه جي هن نصيب تي قربان وڃجي! آذان کان پوءِ محبوبِ ذيشان صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جو اهڙي طرح ديدار ڪرڻ جو شرف صرف حضرت بلال رَضِیَ اللہُ عنه کي حاصل هو.

خُوشا وہ وقت کہ طیبہ مقام تھا تیرا | خُوشا وہ وقت کہ دِیدار عام تھا تیرا

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪيترائي دفعا شيطان ذهنن ۾ وسوسا وجهندو آهي تہ آذان کان پهريان ۽ پوءِ صلوٰة و سلام ڇو پڙهيو ويندو آهي...!! توهان حضرت

[1] امتناع الاسماع، جلد:10، صفحہ:131۔

بلال رَضِیَ اللہُ عنہ جو مبارڪ انداز ڏسو...!! پاڻ آذان ڏيڻ، ڪان پوءِ صرف صلوٰة و سلام عرض نہ ڪندا هئا پر دروازهءِ مصطفيٰ تي حاضر ٿي سلام پيش ڪندا هئا. افسوس! اڄ اسان جا اهڙا نصيب ڪٿي...؟ اسان آذان تہ ڏئي سگهون ٿا پر ان ڪان پوءِ مصطفيٰ جي دروازي تي حاضر ٿي ڪري حضرت بلال رَضِیَ اللہُ عنہ جيان سلام عرض نہ ٿا ڪري سگهون، تنهنڪري سوزِ بلال جو فيض حاصل ڪرڻ، اداءِ بلال ادا ڪرڻ ۽ دل کي تسڪين ڏيڻ لاءِ پَري کان ئي پنهنجي محبوب صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ صلوٰة و سلام عرض ڪري ڇڏيندا آهيون.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## جڏهن آذانِ بلال جي نَقالي ڪئي وئي

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت بلال رَضِیَ اللہُ عنہ جو بہ ڇا تہ نرالو شان آهي. انهن جو صرف نقل ڪرڻ سان ئي ڪهڙيون ڪهڙيون برڪتون نصيب ٿينديون آهن، ان جي باري ۾ روايت ٻڌو! حضرت ابو مَحذوره رَضِیَ اللہُ عنہ مڪي پاڪ جا مؤذن هئا.

يعني جيئن حضرت بلال رَضِیَ اللہُ عنہ مديني پاڪ ۾ آذان ڏيندا هئا، تيئن ئي حضرت ابو مَحذوره رَضِیَ اللہُ عنہ مڪي شريف ۾ آذان ڏيندا هئا. حضرت ابو مَحذوره رَضِیَ اللہُ عنہ کي اِهو شرف، اِها ذميواري ڪيئن عطا ٿي، اُهو واقعو حضرت مَحذوره رَضِیَ اللہُ عنہ پاڻ بيان ڪيو آهي. ان وقت حضرت ابو محذوره رَضِیَ اللہُ عنہ ننڍي عمر جا هئا ۽ اڃان اسلام بہ قبول نہ ڪيو هئائون، تنهنڪري مسلمانن جي ادائن ۽ معمولات کي پسند نہ ڪندا هئا.

فرمائن ٿا: فتح مڪي کان پوءِ جي ڳالهہ آهي، پيارا آقا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم سفر ۾ هئا، رستي ۾ هڪ جاءِ تي نماز جو وقت ٿي ويو، پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم حضرت بلال رَضِیَ اللہُ عنہ کي آذان ڏيڻ جو حڪم ڏنو.

حضرت ابو محذوره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: اسان ننڍا ٻار پرسان ئي هڪ جاءِ تان گذري رهيا هئاسين، تنهنڪري جڏهن مون بلال جي آذان جو آواز ٻڌو ته (جيئن ته غير مسلم گهراڻي ۾ پرورش پاتي هئي) مذاق اُڏائڻ جي نيت سان بلال جي آذان جي نقالي ڪرڻ شروع ڪري ڏني.

پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم منهنجو آواز ٻڌو ته مون کي پنهنجي خدمت ۾ گهرائي ورتائون. (هاڻي حضرت ابو محذوره ڊڄي رهيا هئا ته نه ڄاڻ ڪهڙي سزا ملندي) پر

ڈر تھا کہ عصیاں کی سزا، اب ہو گی یا روزِ جزاء

دِی اُن کی رحمت نے صدا، یہ بھی نہیں، وہ بھی نہیں

جناب ابو محذوره فرمائن ٿا: پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون کي پنهنجي ويجهو ڪيو ۽ فرمايو:

قُمْ فَاَذِّنْ

**ترجمو:** اُٿي بيهي آذان پڙهه...!!

فرمائن ٿا ته منهنجي دل ته نه پئي چاهيو پر مان اُٿي بيهي ۽ آذان چوڻ شروع ڪئي، وچ ۾ جتي جتي لفظ وِسري رهيا هئا، پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون کي ٻڌائي رهيا هئا. جڏهن مون آذان مڪمل ڪري ورتي ته پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون کي انعام ۾ سون سان ڀريل هڪ ٿيلهي عطا فرمائي ۽ منهنجي پيشانيءَ تي هٿ رکي ڇهري تان ڦيرائيندا سيني تائين کڻي آيا.

سُبْحٰنَ اللّٰه! هيءَ مصطفيٰ جان رحمت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي معجزن وارن هٿن جي

برڪت هئي جو منهنجي دل ۾ جيڪا اسلام ۽ مسلمانن جي خلاف نفرت هئي، سا اُن ئي وقت ختم ٿي وئي ۽ مان ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويس. فرمائن ٿا: ڪلمو پڙهڻ کان پوءِ مون عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم مون کي مڪي جو مؤذِن مقرر فرمائي ڇڏيو! پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم منهنجي درخواست قبول فرمائي ۽ مون کي حرم مڪي جو مؤذِن بڻائي ڇڏيائون.[1]

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! جوندا آهن تہ چڱن جي نقالي بہ چڱي هوندي آهي. حضرت ابو مَحذوره رَضِيَ اللهُ عَنه کي اُن ئي نقاليءَ جو فيضان مليو. انهن جيتوڻيڪ دلي نفرت جي ڪري نقالي ڪئي هئي پر نقل تہ محبوبِ خدا ۽ محبوبِ مصطفيٰ حضرت بلال رَضِيَ اللهُ عَنه جو ڪري رهيا هئا، بس انهي نقاليءَ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي توجهه مبارڪ کي انهن ڏانهن متوجهه ڪيو. پوءِ ڪهڙيون ڪهڙيون برڪتون مليون...! سُبْحٰنَ الله! پياري محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم جون شفقتون بہ نصيب ٿيون، هٿ مبارڪ جون برڪتون بہ مليون، ايمان بہ مليو ۽ حرمِ مڪ جو مؤذِن بڻجڻ جي سعادت بہ نصيب ٿي وئي.

## ڪعبي جي ڇت تي آذان

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت بلال رَضِيَ اللهُ عَنه جي آذانن جو بہ نرالو شان آهي. پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ هڪ اهڙي آذان بہ پڙهي آهي جو اهڙي آذان پڙهڻ جو شرف انهن کان سواءِ ٻيو ڪنهن کي بہ نہ مليو آهي. روايتن ۾ آهي: مڪي جي فتح جو موقعو هو، اُهو شهر (*City*) جتان پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم هجرت ڪري تشريف وٺي ويا هئا، اُهي گهٽيون جن ۾ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ

[1] سيرت حلبيه، باب ذكر مغازيه، فتح مكة شرفها الله تعالى، جلد:3، صفحه:145۔

وَسَلَّم جي جان نثارن يعني صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عنهم تي ظلم ۽ ستم جا جبل ٽوڙيا ويا هئا، اُهي گهر، اُهي محلا (*Neighborhoods*) جتي مسلمانن جو جيئڻ دشوار ٿي چڪو هو، 9 هجري (يعني هجرتِ مدينہ کان 9 سال پوءِ) پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم انهن گهٽين، انهن محلن، ان شهرِ مڪہ ۾ فاتح بڻجي تشريف ڪٺي آيا، هن پاڪيزه شهر کي ڪفر ۽ شرڪ جي گندگيءَ کان پاڪ ڪيو ويو، ڪعبو مبارڪ جنهن کي جاهليت جي زماني ۾ شرڪ سان بدبودار ڪيو ويو هو، هڪ ڀيرو ٻيهر ان کي توحيد جو مرڪز بڻايو ويو، هن موقعي تي مڪي جا وڏا وڏا سردار موجود هئا. ائين ڪٺي چئجي تہ سيني مڪي وارن جون نگاهون پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم ڏانهن لڳل هيون. ايتري ۾ ظهر جي نماز جو وقت ٿي ويو.

هاڻي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي سچي عاشق حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عنه کي اُهو شرف ۽ اُها عظمت بخشي جيڪا ان کان اڳ نہ ڪنهن کي نصيب ٿي هئي ۽ نہ ئي انهن کان پوءِ ڪنهن کي نصيب ٿي. پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: اي بلال...!! اڄ (ڪعبي جي سامهون بيهي نہ بلڪ) ڪعبي جي ڇتِ تي بيهي آذان ڏي ...!!

سُبْحٰنَ الله! ڇا تہ شانِ ڪريمي آهي، اُهي حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عنه ◈ جن کي اُنهيءَ ئي مڪي شهر ۾ غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙيو ويو هو ◈ جن کي اُنهيءَ ئي مڪي شريف ۾ تتل واريءَ تي ليٽائي مٿان ڳرا پٿر رکيا ويندا هئا ◈ جن تي مڪي جي گهٽين ۾ پٿراءُ ڪيو ويندو هو، اُهي ئي حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عنه...!! اڄ ڪعبي جي ڇت تي چڙهي چڪا آهن.

اِهو چئي تہ سمورن مڪي جي سردارن کي هڪ خاموش پيغام هو تہ اي غير مسلم سردارو...!! ڏسي ڇڏيو تہ! عزت الله پاڪ جي هٿ ۾ آهي، هي غلامي ۽ آزادي، حبشي ۽ رومي جو فرق توهان جو پنهنجو پيدا ڪيل آهي، نہ تہ حقيقت ۾ سڀ الله پاڪ جا ٻانها آهن، سڀئي حضرت آدم ۽ حوا عليهما السلام جي اولاد آهن. عزتن جو معيار رنگ ۽ نسل نہ، پر الله پاڪ جي بارگاھ ۾ مقبوليت آهي، جيڪو الله پاڪ جي بارگاھ جو مقبول هجي، جيڪو دامنِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم سان وابستہ ٿي وڃي، توڙي نسلي اعتبار کان حبشي ئي ڇو نہ هجي، الله ۽ رسول ان کي اهڙي عزت سان نوازيندا آهن جو وڏا وڏا سردار بہ سندس عظمت کي ٽوپي سنڀالي، ڪنڌ مٿي ڪٽي ڏسندا آهن.

دامنِ مصطفیٰ سے جو لپٹا یگانہ ہو گیا | جس کے حُضُور ہو گئے، اس کا زمانہ ہو گیا

خير! حضرت بلال رَضِیَ اللہُ عنہ ڪعبي جي ڇت تي چڙهيا، آذان ڏيڻ شروع ڪيائون. روايت جا الفاظ آهن تہ: جڏهن پاڻ آذان ڏيندي ڏيندي

اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَسُوْلُ الله

تي پهتا تہ پاڻ آواز کي اجان وڌيڪ بلند ڪري ڇڏيائون، روايت جا الفاظ آهن:

وَرَفَعَ صَوْتَهُ كَأَشَدِّ مَا يَكُوْنُ

يعني حضرت بلال رَضِیَ اللہُ عنہ جيترو زور لڳائي پئي سگهيا، جيتري بلند آواز ۾ چئي پئي سگهيا، اوترو زور لڳائي چيائون:

اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَسُوْلُ الله

ابو جهل جي ڌيءُ حضرت جُوَيريہ رَضِیَ اللہُ عنہا جيڪي بعد ۾ اسلام قبول ڪري چڪيون هيون، انهن جڏهن محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو پاڪ نالو ڪعبي جي

چت تان پوري مڪي ۾ گونجندي ٻڌو تہ چيائين:

لَعَمْرِی رَفَعَ لَكَ ذِكْرَكَ

منهنجي جان جو قسم ...!! اي محمد صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم! توهان جو ذڪر توهان جي لاءِ بلند ڪيو ويو آهي.[1]

وُہی دُھوم اُن کی ہے ماشآءَاللّٰہ

مِٹ گئے آپ مِٹانے والے

هڪ وضاحت ٻڌي ڇڏيو! لَعَمْرِی (يعني منهنجي جان جو قسم) عرب جو محاورو هو، هي ماڻهو عام طور تي ائين ئي ڳالهائيندا هئا. حضرت جويريہ جيئن تہ ان وقت تائين مسلمان نہ هيون، تنهنڪري ڪين مسئلو معلوم نہ هو، نہ تہ الله پاڪ کان سواءِ ٻئي ڪنهن جو بہ قسم ڪڻڻ جائز نہ آهي، مثال طور
◈ مون کي منهنجن ٻارن جو قسم ◈ ماءُ جو قسم ◈ منهنجي سِرَ جو قسم
◈ تنهنجي سِرَ جو قسم! هي سڀئي انداز ناجائز آهن.[2]

## عزت جو معيار تقويٰ آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! توهان ٿورو تصور ڪريو! اُهو ڪيڏو نہ حَسِين، ڪيڏو نہ پيارو ۽ نرالو منظر هوندو، مڪي جي وادي آهي، محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم آن بان شان سان ڪعبي شريف جي روبرو موجود آهن، مڪي جا سڀئي سردار ڪنڌ جهڪائي بيٺا آهن ۽ حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عنہ ڪعبي جي ڇت تي بيٺا آهن.

---

[1] امتناع الاسماع، جلد:13، صفحه:385ـ
[2] بدائع الصنائع، كتاب الايمان، فصل فى اليمين بغير الله عزوجل، جلد:4، صفحه:60 ماخوذاًـ

جڏهن مڪي جي وڏن وڏن سردارن هي منظر ڏٺو ته سندن جگر جَلِي ويا، جاهليت جي زماني جو سمورو غرور مٽيءَ ۾ ملي ويو. ذهنن (*Minds*) ۾ خيال اُڀري رهيا هئا ته ڪلهه جو غلام، اڄ ڪعبي جي ڇت تي آذان ڏئي رهيو آهي (هيءَ سعادت ته ڪنهن وڏي رُتبي واري کي ملڻ گهرجي ها)، سندن ذهنن ۾ اِهي وسوسا اچي ئي رهيا هئا ته حضرت جبرائيل عليه السَّلام حاضر ٿي ويا، قرآن ڪريم جي هيءَ آيت ڪريمہ نازل ٿي، الله پاڪ فرمايو: (1)

اِنَّ اَكْرَمَكُمْ عِنْدَ اللّٰهِ اَتْقٰىكُمْ ؕ

(پارو: 26، سورة حجرات: 13)

ترجمو ڪنزالعرفان: بيشڪ الله وٽ توهان مان وڌيڪ عزت وارو اهو آهي جيڪو توهان مان وڌيڪ پرهيزگار آهي.

يعني اي مڪي جا سردارؤ...!! عزت، شرف، بزرگي، مال ۽ دولت سان نہ ملندي آهي، نسبي تعلق سان نہ ملندي آهي، عزت ۽ شرف جي دولت الله پاڪ جي فضل سان ملندي آهي ۽ ان کي ملندي آهي جيڪو وڌيڪ تقويٰ اختيار ڪندو آهي. جيئن ته حضرت بلال رَضِیَ اللہُ عنہ توهان کان وڌيڪ تقويٰ وارا آهن، سابق الاسلام (شروعات ۾ ئي اسلام قبول ڪرڻ وارا) آهن، راهِ خدا ۾ قربانيون ڏيڻ وارا آهن، تنهنڪري ڪعبي جي ڇت تي آذان ڏيڻ جو شرف انهن کي ئي سُونهي ٿو.

## تقويٰ اختيار ڪريو

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي بہ تقويٰ اختيار ڪرڻ گهرجي. تقويٰ جا

1⋯ اسباب النزول للواحدی،صفحہ:304، رقم:816 بتصرف ۔

آهي؟ الله پاڪ کان ڊڄڻ، گناهن کان بچڻ، نيڪين ۾ زندگي گذارڻ. اِها تقويٰ آهي. علماءِ ڪرام تقويٰ جي جيڪا وضاحت ۽ تشريح لکي آهي، ان جو خلاصو اِهو ئي آهي. تنهنڪري اسان کي گهرجي ته اسان الله پاڪ کان ڊڄڻ وارا بڻجي وڃون، گناهن کان بچڻ وارا بڻجي وڃون. حضرت ابو سعيد خدري رَضِیَ اللّٰہُ عنہ کان روايت آهي، رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هڪ صحابي رَضِیَ اللّٰہُ عنہ کي نصيحت ڪندي فرمايو: عَلَيْكَ بِتَقْوَى اللهِ فَإِنَّهُ جِمَاعُ كُلِّ خَيْرٍ يعني توهان تي تقويٰ لازم آهي، چو ته بيشڪ تقويٰ سيني ڀلاين جو مجموعو آهي. (1)

| | |
|---|---|
| دے حُسنِ اَخلاق کی دولت | کر دے عطا اِخلاص کی نعمت |
| مجھ کو خزانہ دے تقویٰ کا | یاالله! مری جھولی بھر دے (2) |

## حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عنہ جي هڪ ايمان افروز آذان

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عنہ جي سيرت پاڪ ۾ هڪ تمام ايمان افروز آذان جو به ذڪر ملي ٿو. اُن آذان جو ذڪرِ خير ٻڌو ۽ ايمان تازو ڪريو! روايت آهي ته: جڏهن الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم دنيا مان ظاهري طور پردو فرمائي ويا، صحابہءِ ڪِرام رَضِیَ اللّٰہُ عنہم تي ڄڻ ته قيامت ٽُٽِي پئي، صحابہءِ ڪِرام رَضِیَ اللّٰہُ عنہم غم جي سبب بيحال ٿي چڪا هئا، حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عنہ کي به وصالِ مصطفيٰ جو تمام گهڻو صدمو ٿيو.

حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عنہ ته هُونئن ئي مؤذِن رسول آهن، مؤذِن ۽ امام جو پاڻ ۾ الڳ ئي قسم جو تعلق هوندو آهي، حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عنہ رسولِ اڪرم، نورِ

1…مسند ابی یعلی، جلد:1، صفحہ:324، حدیث:1001۔

2…وسائلِ بخشش، صفحہ:123۔

مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ رهندا هئا، هاڻي جڏهن محبوب آقا، پياري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم دنيا مان ظاهري طور پردو فرمايو ته حضرت بلال رَضِيَ اللهُ عنه جي لاءِ جيئڻ محال ٿي ويو ◈ اُهي گهٽيون جتان حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم گذرندا هئا ◈ اُنهن گهٽين مان گذرندي حضرت بلال رَضِيَ اللهُ عنه جو جِيءُ جهُرِي پوندو هو ◈ جڏهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم مسڪرائيندا هئا ته مديني پاڪ جي درن ۽ ديوارن تي نور جا ڪرڻا پوندا هئا، هاڻي انهن ديوارن کي ڏسي حضرت بلال رَضِيَ اللهُ عنه کي محبوب آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي ياد ستائيندي هئي.

گَلیاں سُنجیاں دِسّن مینُوں، وَیڑا کھاوَن آوے
غُلامُ فَرِیدا! اُوتھے کی وَسنا جتّھے ماہی نَظر نہ آوے

**وضاحت:** گهٽيون ويران لڳي رهيون آهن، گهر کائڻ لاءِ اچي رهيو آهي يعني گهر ۾ به دل نه ٿي لڳي، اي غلام فريد! اُتي ڪهڙو جيئڻ جتي محبوب ئي نظر نه اچي.

هاڻي مديني پاڪ جي انهن گهٽين ۾ زندگي گذارڻ دشوار هو، تنهنڪري حضرت بلال رَضِيَ اللهُ عنه شام ملڪ ڏانهن تشريف ڪٽي ويا پر افسوس! حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ته هتي به نه آهن، ديدارِ حبيب جا جام ته هتي به نه ٿا ملن، يادِ مصطفيٰ ته هتي به تڙپائي رهي آهي.

حَکیماں طِبیباں دِے وَس دِی اِے گَل نَئیں | مِرے رُوگ دَا ہَور کِدھرے وِی حَل نَئیں
تُوں آجاوِکھا جاں اَو صُورت پیاری

وضاحت: مان عشق جو بيمار آهيان، منهنجي بيماريءَ جو علاج حڪيمن يا ڊاڪٽرن وٽ ناهي. يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجو علاج صرف اوهان جي سهڻي سهڻي صورت جو ديدار آهي.

حضرت بلال رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه شام ملڪ ۾ آهن، يادِ مصطفيٰ هتي بہ تڙپائي رهي آهي، هجر ۽ فراق سان سينو هتي بہ جلي رهيو آهي. الله! الله! ڏينهن ڪيئن گذرندا هوندا، راتيون ڪيئن بسَر ٿينديون هونديون...؟

وہ آ رہے ہیں، وہ آتے ہیں، آرہے ہوں گے | شَبِ فراق یہ کہہ کر گزار دی ہم نے

پهريان جڏهن رات جو سمهندا هئا تہ ڪين هڪ آس هوندي هئي، هڪ اميد هوندي هئي تہ صبح جو اٿڻو آهي، مسجدِ نبوي شريف ۾ حاضر ٿيڻو آهي، آذان ڏيڻي آهي، پوءِ محبوب آقا، پيارا مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف ڪڻي ايندا، ديدار جا جام پيئڻ جي لاءِ ملندا، افسوس! هاڻي تہ اِها آس بہ ختم ٿي وئي، پهريان جڏهن بہ دل چوندي هئي، خدمت ۾ حاضر ٿي لذتِ ديدار سان سينو ٿڌو ڪري ڇڏيندا هئا، پر هاءِ افسوس! هاڻي وڃن تہ ڪيڏانهن وڃن، هاڻي محبوب کي ڪٿي تلاش ڪن ...؟

کبھی بیمارِ محبت بھی ہوئے ہیں اچھے | روز اَفزُوں ہے مرض، کام دوا نے نہ دیا

حضرت بلال رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه فراقِ رسول ۾ زندگي گذاري رهيا آهن، هاڻي بس هڪ ئي صورت باقي آهي، ڏک درد مٽائڻ وارا آقا، ٻنهي جَهانن جا داتا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم گهٽ ۾ گهٽ خواب ۾ ئي تشريف فرما ٿين، ڀلا اچي ئي پنهنجو جلوو ڏيکارين.....

سامنے جلوہ گر پیکرِ نور ہو، منکروں کا بھی سرکار شک دُور ہو

کرکے تبدیل اِک دِن لباسِ بشر، دونوں عالم کے سرکار آجایئے!

میرے گلشن کو اک بار مہکایئے، اپنے جلووں کی بارش میں نہلایئے!

دیدۂ شوق کو کیجئے بہرہ وَر، دونوں عالم کے سرکار آجایئے!

هڪ رات جڏهن حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عنہ آرام فرمائي رهيا هئا، اُن رات بہ ڪين نہ ڄاڻ ننڊ ڪيئن آئي هوندي، نہ تہ محسوس تہ ائين ٿي رهيو آهي تہ حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عنہ يادِ مصطفيٰ جا ڏِيئا جلائي راتيون گذاريندا هوندا، دل تہ اِهو ئي چئي رهي آهي تہ شايد اُن رات بہ حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عنہ بستري تي ليٽِي يادِ مصطفيٰ ۾ مصروف رهيا هوندا، ڪڏهن مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم جي پياري پياري مسڪراهٽ کي ياد ڪري مسڪرائيندا هوندا تہ ڪڏهن هجر ۽ فراق کي ڏسي روئي پوندا هوندا، پوءِ نہ ڄاڻ الائي ڪڏهن سندن اکِ لڳي وئي هوندي.

خالدؔ میں صِرف اتنا کہوں گا، جاگ اُٹھا اشکوں کا مقدر

عِشقِ نبی میں روتے روتے کیسی کٹی ہے رات نہ پوچھو

حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عنہ جون اکيون بند ٿيون پر سندن قسمت ڄاڳي پئي، دل جا سلطان آقا، محبوب آقا، دل جو چين آقا، قرار آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم پنهنجي عاشق کي ديدار ڪرائڻ لاءِ خواب ۾ تشريف ڪٽي آيا.

پياري آقا، ٻنهي جهانن جي داتا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم فرمايو: مَا هٰذِهِ الْجَفْوَةُ يَا بِلَالُ! اي بلال...! هيءَ ڪهڙي بي وفائي آهي؟ تون اسان جي زيارت لاءِ اچڻ ئي ڇڏي

ڏنو آهي ....؟

الله! الله! پياري آقا، مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان ٻڌائون، حضرت بلال رَضِيَ اللّٰهُ عنه جي اک کُلي تہ سواري تيار ڪيائون ۽ سفرِ مدينہ لاءِ روانا ٿي ويا.

الله اَکۡبَر! هڪ عاشقِ رسول مديني جي سفر تي آهي، مڪي آقا، مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کين پاڻ گهرايو آهي، حضرت بلال رَضِيَ اللّٰهُ عنه جي ڪيفيت ڪهڙي هوندي؟ اِهو تہ معلوم نہ ٿو ڪري سگهجي، پر دل ئي دل ۾ حضرت بلال رَضِيَ اللّٰهُ عنه جي اُن وقت جي ڪيفيتن جو تصور ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو! ◈ حضرت بلال رَضِيَ اللّٰهُ عنه ڇا سوچي رهيا هوندا؟ ها! ها! جلد ئي مان مديني پاڪ جي گهٽين ۾ پهچي ويندس ◈ جلد ئي مسجد نبوي شريف نظر ايندي ◈ مديني پاڪ جا خوبصورت در ۽ ديوارون هوندا ◈ غريبن کي پالڻ واري آقا، ٻنهي جهانن جي داتا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم پاڻ گهرايو آهي، جلوو بہ تہ ڏيکاريندا، ديدار جا جام بہ تہ پياريندا.

| | |
|---|---|
| ہے آرزو یہ دِل کی، میں بھی مدینے جاؤں | سلطانِ دوجہاں کو سب حالِ دِل دِکھاؤں |
| کاٹوں ہزار چکر طیبہ کی ہر گلی کے | یُوں ہی گزار دُوں میں اَیّام زِندگی کے |
| پھولوں پہ جاں نثاروں، کانٹوں پہ دِل کو وارُوں | ذَرّوں کو دُوں سلامی، دَر کی کروں غُلامی |
| دِیوار دَر کو چوموں، قدموں پہ سَر کو رَکھ دُوں | محبوب سے لپٹ کر روتا رہوں برابر |

الله! الله! سفر ڪندي ڪندي حضرت بلال رَضِيَ اللّٰهُ عنه کي مديني منوره جا در ۽ ديوارون نظر آيا هوندا، هي اُهو لمحو آهي جڏهن پيارا آقا، ٻنهي جهانن جا داتا

صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم سفر کان واپسي تي سواري کي تيز ڪري ڇڏيندا هئا، اُن وقت حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عنہ جي ڪيفيت ڪهڙي هوندي؟ مديني منوره جي مٺان وَسندڙ نور، اتان جا روشن روشن در ۽ ديوارون ڏسي حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عنہ بيتاب ٿي ويا هوندا، دل ۾ محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي ديدار جي تڙپ اجان وڌيڪ وَڌِي وئي هوندي، دل تڙپي پئي هوندي، دل ڌڪ ڌڪ ڪري رهي هوندي.

اللهُ اَكْبَر! حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عنہ مديني پاڪ پهتا پر افسوس! حضور، جانِ ڪائنات صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم مسجد ۾ نہ آهن، ازواج پاڪ جي حجرن ۾ بہ نہ آهن، افسوس! غلام کي شام ملڪ مان گهرايائون ۽ پاڻ پردي ۾ تشريف فرما آهن.

کیوں آنکھ مِلائی تھی، کیوں آگ لگائی تھی
اب رُخ کو چھپا بیٹھے، کر کے مجھے دِیوانہ

حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عنہ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي مزارِ پُر انوار تي حاضر ٿيا، پنهنجو چهرو مزار پاڪ جي مبارڪ خاڪ سان مَلي رهيا هئا، روئي رهيا هئا، ڄڻ تہ هيءَ عرض ڪري رهيا هئا:

اُٹھا دو پردہ، دِکھا دو چہرہ کہ نُور بارِی حِجاب میں ہے
زمانہ تاریک ہو رہا ہے کہ مہر کب سے نقاب میں ہے (1)

اهلِ مدينہ کي حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عنہ جي آمد جي خبر ٿي چڪي هئي، ڪيترائي صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عنھم مؤذنِ رسول سان ملڻ لاءِ حاضر ٿيا. سلام ۽

1…حدائقِ بخشش، صفحہ:180۔

دعا ڪان پوءِ سيني چيو: بلال! اُها آذان جيڪا اسان جي آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي ٻڌائيندا هئا، اڄ هڪ ڀيرو ٻيهر اُها ئي آذان ٻڌايو. حضرت بلال رَضِيَ اللهُ عنه معذرت ڪئي تہ هاڻي آذان نہ ڏئي سگهندس، ڇو تہ پهريان جڏهن آذان ڏيندو هئس تہ اَشۡهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوۡلُ الله چوندو هئس تہ سامهون چهرهءِ وَالضُّحٰی جي زيارت ڪندو هئس، اڄ جڏهن آذان چوندس تہ ديدار ڪان محروم رهندس تہ دل برداشت نہ ڪري سگهندي، افسوس! اڄ مون کي اهڙي فرمائش لاءِ نہ چئو! صحابہ ڪِرام رَضِيَ اللهُ عنهم اصرار ڪري رهيا آهن، حضرت بلال رَضِيَ اللهُ عنه انڪار ڪري رهيا آهن، ايتري ۾ پياري آقا، رسولِ خدا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جا ننڍڙا ڏوهٽا امام حسن ۽ امام حسين رَضِيَ اللهُ عنهما تشريف ڪٽي آيا. حضرت بلال رَضِيَ اللهُ عنه ٻنهي شهزادن کي پنهنجي سيني سان لڳايو، پيار ڪيو. هاڻي شهزادن چيو: بلال! اسان جي نانا جان، رحمتِ دوجهان صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي جيڪا آذان ٻڌائيندا هئا، اڄ اُها ئي آذان ٻيهر ٻڌايو! ڀلا انهن شهزادن جي ڳالهہ ڪيئن ٽاري سگهجي؟ حضرت بلال رَضِيَ اللهُ عنه شهزادن جي حڪم تي ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو ۽ آذان ڏيڻ واري جاءِ تي تشريف ڪٽي آيا، ڪنن تي هٿ رکيائون ۽ پُر سوز آواز ۾ چيائون: اَللهُ اَكۡبَرُ، اَللهُ اَكۡبَرُ۔

آذان جو اِهو پُرسوز آواز جڏهن مديني پاڪ ۾ گونجيو تہ سرزمينِ مدينہ تي هڪ لرزو طاري ٿي ويو، ڪُهرام مچي ويو، ماڻهن کان دانهون نڪري ويون، سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي ياد ۾ دليون بيتاب ٿي ويون. ننڍڙا ٻار پنهنجين مائرن کان چنبڙي پڇڻ لڳا: امڙ! امڙ! حضرت بلال تہ اچي ويا، اسان جا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن تشريف ڪٽي ايندا؟

حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عنه آذان چئي رهيا هئا، مديني پاڪ ۾ قيامت جو منظر هو، جڏهن حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عنه پڙهيو: اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَسُوْلُ الله سندن نگاهه أُتي، منبرِ نور تي پئي، افسوس! منبر خالي هو. حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عنه يادِ مصطفيٰ ۾ تڙپي پيا، دل بي قابو ٿي وئي ۽ شدتِ غم سان غش کائي زمين تي تشريف وٺي آيا. (1)

تمہارے ہجر میں کیوں زندگی نہ مشکل ہو | تم ہی جگر ہو، تم ہی جان ہو، تم ہی دِل ہو

دِل ہجر کے درد سے بوجھل ہے، اب آن ملو تو بہتر ہو
اس بات سے ہم کو کیا مطلب، یہ کیسے ہو! یہ کیوں کر ہو!

## دل ۾ عشقِ رسول وَڌايو!

اي عاشقانِ رسول! هي عشقِ رسول جون ڪيفيتون آهن. الله پاڪ اسان کي بہ سوزِ بلال رَضِیَ اللّٰہُ عنه مان حصو نصيب فرمائي. پنهنجين دلين ۾ عشقِ رسول وڌايو! عشقِ رسول جي شمع کي وڌيڪ روشن ڪريو ◈ درود پاڪ پڙهندا رهو ◈ سنتن تي عمل ڪريو ◈ تلاوتِ قرآن جي عادت بڻايو ◈ رات جو تنهائي ۾ ويهي گنبذِ خضرا جو تصور ڪري پُرسوز نعتون پڙندا ڪريو ◈ سيرتِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم تي لکيل ڪتاب پڙهو◈ صحابہ ڪِرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي سيرت پڙهو ◈ اولياءِ ڪرام جي سيرت بالخصوص سندن عشقِ رسول واريون ڪيفيتون پڙهو. اِنْ شَآءَاللهُ الْكَرِيْم! دل ۾ عشقِ رسول جي شمع روشن ٿيندي.

---

1…سير اعلام النبلاء، جلد:3، صفحہ:222، زُلف زنجير، صفحہ:74تا77۔

| | |
|---|---|
| جاہ و جلال دو نہ ہی مال و منال دو | سوزِ بِلال بَس مری جھولی میں ڈال دو |
| دُنیا کے سارے غم میرے دِل سے نِکال دو | غَم اپنا یانبی مجھے بھرِ بِلال دو |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ميدانِ محشر ۾ آذانِ بلال جي گونج

پيارا اسلامي ڀائرو! آذانِ بلال رَضِیَ اللّٰہُ عنہ جو ڀہ ڇا تہ نرالو شان آهي...!! قيامت واري ڏينهن سندن شان ۾ عظمت ڪهڙو هوندو، روايت ٻڌو! هڪ ڏينهن پيارا آقا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم انبياءِ ڪِرام عليهم السّلام جو ذڪر فرمائي رهيا هئا. قيامت جي ڏينهن انبياءِ ڪِرام عليهم السّلام جو شان ڪهڙو هوندو، اِهو موضوع هو. غيبن تي خبردار نبي مڪي مدني صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: حضرت صالح عليهم السّلام روزِ قيامت پنهنجي ڏاچيءَ تي سوار هوندا، مان براق تي سوار ٿي ايندس، پوءِ پاڻ ڪريمن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عنہ ڏانهن نظر ڪنئي ۽ فرمايائون: بلال جو ھي شان هوندو جو ھي جنتي ڏاچيءَ تي سوار هوندا، آذان چوندي ميدانِ محشر ۾ ايندا، بلال جي آذان جو آواز سڀ ٻڌندا، ان وقت انبياءِ ڪِرام عليهم السّلام جون نگاهون بہ بلال تي لڳل هونديون، جڏهن بلال آذان مڪمل ڪري وٺندا تہ کين جنتي لباس پارايو ويندو. **انبياءِ ڪِرام** عليهم السّلام **۽ شُهداء کان پوءِ بلال پهريون شخص هوندو جنهن کي جنتي لباس ملندو.**(1)

سُبْحٰنَ الله! ڇا تہ بلال رَضِیَ اللّٰہُ عنہ جو شان آهي...!! يعني قيامت جي ڏينهن بہ آذانِ بلال جي گونج هوندي، سمورا اهلِ محشر اُن پُرسوز آذان جو لطف

1...تاريخ مدينہ دمشق، جلد:10، صفحہ:459تا460۔

ماٽيندا. الله ڪري، اسان کي ايمان تي موت نصيب ٿي وڃي. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! پياري آقا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي اسان به آذانِ بلال ٻڌڻ جو مزو وٺنداسين.

## آذان ڏيڻ جي عادت بڻايو!

پيارا اسلامي ڀائرو! آذان دين جي سڃاڻپ آهي. اڄڪلهه اسان وٽ عام طور مسجدن ۾ مؤذن مقرر هوندا آهن، پوءِ به اسان کي گهرجي ته ڪڏهن ڪڏهن يا روزانو ئي موقعو نصيب ٿئي ته اجازت وٺي آذان ڏيڻ جي سعادت حاصل ڪريون. ڪجهه احاديثِ ڪريمه ٻڌو! ◈معجم ڪبير ۾ حديث آهي: ثواب جي خاطر آذان ڏيڻ وارو اُن شهيد وانگر آهي جيڪو رت ۾ رنگيل هوندو آهي ۽ مرڻ کان پوءِ سندس جسم ۾ ڪيڙا نه پوندا[1] ◈پياري محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جنهن پنجن ئي نمازن جي آذان ايمان جي بنياد تي ثواب جي نيت سان ڏني، ان جا پويان گناهه معاف ٿي ويندا[2] ◈هڪ حديث شريف ۾ آهي: هر خشڪ ۽ تَر شيءِ جنهن تائين آذان جو آواز پهچندو آهي، اُها آذان ڏيڻ واري جي لاءِ بخشش جي دعا ڪندي آهي.[3]

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏسو! ڪيڏيون نه پياريون فضيلتون آهن. اسان کي به گهرجي ته حضرت بلال حبشي رَضِيَ اللهُ عَنْه جي ادا کي ادا ڪرڻ خاطر، حق جي ڪلمي کي بلند ڪرڻ خاطر، نيڪيون ڪمائڻ، گناهه بخشرائڻ ۽ جنت جو حقدار بڻجڻ جي لاءِ آذان ڏيندا رهون. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

[1] معجم ڪبير، جلد:6، صفحه:242، حديث:13378 ـ
[2] معجم ڪبير، جلد:6، صفحه:242، حديث:13378 ـ
[3] ابن ماجه، كتاب الاذان وا لسنة فيها، باب فضل الاذان...الخ، صفحه:124، حديث:724ـ

جيڪڏهن توهان آذان ڏيڻ ۽ ٻڌڻ جي باري ۾ وڌيڪ فضيلتون ڄاڻڻ چاهيو تا تہ امير اهلسنت جي مختصر رسالي **فيضانِ آذان** جو مطالعو ڪريو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: مدرسة المدينہ بالِغان

پيارا اسلامي ڀائرو! گناهن کان نفرت جو جذبو حاصل ڪرڻ ۽ نيڪ نمازي ٻڻجڻ جي سعادت حاصل ڪرڻ لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو! **12** ديني ڪمن ۾ خوب زور شور سان حصو وٺو! اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکَرِیْم! زندگي سنورجي ويندي، الله پاڪ چاهيو تہ دنيا کان بي رغبتي جي دولت بہ ملندي ۽ اخلاق ۽ ڪردار بہ سنورجي ويندا. **12** ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم **مدرسة المدينہ بالِغان** بہ آهي جنهن ۾ درست تجويد ۽ قرات سان قرآن ڪريم پڙهڻ سيکاريو ويندو آهي.

حديث پاڪ ۾ آهي: توهان ۾ بهتر اُهو آهي جيڪو قرآن سکي ۽ سيکاري.[1] ◈ قرآن مجيد الله پاڪ جو ڪتاب آهي ◈ ٻانهن ڏانهن رب ڪريم جو پيغام آهي ◈ **پر افسوس!** اڄ مسلمان قرآن ڪريم کان تمام گهڻو پري ٿيندا پيا وڃن ◈ ڪيترن ئي ماڻهن کي ڏسي بہ درست قرآن مجيد پڙهڻ نہ ايندو آهي ◈ جن کي پڙهڻ ايندو آهي اُهي بہ تجويد ۽ مخارج جون اهڙيون غلطيون ڪندا آهن جن جي ڪري نماز ئي نہ ٿيندي آهي.

الحمدلله! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي مختلف مسجدن ۽ مارڪيٽن ۾ روزانو جي بنياد تي مدرسة المدينہ بالغان جا ڪلاس لڳائي

---

1…ترمذی، کتاب فضائل القرآن، باب ماجاء فی تعلیم القرآن، صفحہ:675، حدیث:2907۔

قرآن ڪريم جو فيضان عام ڪرڻ ۾ مصروف آهي ◈ جن ۾ درست تجويد ۽ قرات سان قرآن ڪريم پڙهڻ سيکاريو ويندو آهي ◈ فرض علوم بہ ٻڌايا ويندا آهن ◈ سنتون ۽ آداب بہ سيکاريا ويندا آهن ۽ ◈ترجمو ۽ تفسير ٻڌڻ جو بہ موقعو ملندو آهي. توهان بہ ان ۾ شرڪت ڪندا ڪريو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ڪوڙ ساريون برڪتون ملنديون. اچو تہ ترغيب خاطر هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## فيشن پرست جي زندگيءَ ۾ بَهارَ اچي وئي

حيدرآباد (سنڌ، پاڪستان) جي رهندڙ هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي تہ: مان هڪ فيشن ايبل (*Fashionable*) نوجوان هئس، دنيا جي موج مستي ۾ گم، پنهنجي آخرت کان غافل زندگي جا ڏينهن گذاري رهيو هئس. منهنجي گناهن ڀَري زندگي ۾ بهار هن ريت آئي تہ مون کي مدرسة المدينه بالغان ۾ داخلا جي سعادت ملي وئي، بس پوءِ منهنجي خوش بختي جي سفر جو آغاز ٿي ويو، مدرسة المدينه بالغان جي برڪتن منهنجي اونداهي دل کي خوفِ خدا ۽ عشقِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم سان روشن ڪري ڇڏيو، ان ۾ مون کي قرآن پاڪ جي تعليم سان گڏوگڏ سنتن تي عمل ڪرڻ جو جذبو بہ مليو ۽ هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت جي سعادت بہ نصيب ٿي. اَلْحَمْدُ لِله! مدرسة المدينہ بالغان ۾ پڙهڻ جي برڪت سان منهنجي زندگي ۾ بهار اچي وئي ۽ فيشن پرستي ۽ موج مستيءَ کان بہ نجات ملي وئي.

ترا شکر مولیٰ دیا دینی ماحول | نہ چھوٹے کبھی بھی خدا دینی ماحول
دعا ہے یہ تجھ سے دل ایسا لگا دے | نہ چھوٹے کبھی بھی خدا دینی ماحول (1)

---
1… وسائلِ بخشش،صفحہ: 647-648۔

## اَلْقُرآنُ الْكَرِيم موبائل ايپلي ڪيشن

اي عاشقانِ رسول! اج ٽيڪنالاجي جو دور آهي. اَلحمدُلِلّٰه! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جديد ٽيڪنالاجي جي ذريعي بہ علمِ دين جو فيضان عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ***I.T*** ڊپارٽمنٽ طرفان هڪ موبائل ايپلي ڪيشن ***Al Quran ul kareem*** القرآن الكريم جي نالي سان جاري ڪئي وئي آهي. هن موبائل ايپلي ڪيشن ۾ ◈ مڪمل قرآن پاڪ پڙهڻ ◈ ۽ مختلف قارين جي آواز ۾ قرآن ڪريم ٻڌڻ جي سهولت موجود آهي ◈ ان سان گڏوگڏ ڪنهن مخصوص سورت يا آيت کي بُڪ مارڪ ***Bookmark*** بہ ڪري سگهجي ٿو. يعني بار بار پڙهي وڃڻ واري سورت يا آيت کي ***Bookmark*** ڪرڻ جي بدولت آساني سان پڙهي سگهجي ٿو.

اَلحمدُلِلّٰه! هن وقت تائين تقريباً **10** لکن کان وڌيڪ ماڻهو هن ايپلي ڪيشن کي ڊائون لوڊ ڪري چڪا آهن. توهان بہ هيءَ ايپلي ڪيشن پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪري ڇڏيو، پاڻ بہ فائدو حاصل ڪريو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪجھ ضروري اعلانات

◈ هر ڇنڇر تي امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه **مدني چينل** تي **لائيو هفتيوار مدني مذاڪرو** فرمائيندا آهن، اينڊڙ ڇنڇر تي بہ مدني چينل تي عشاء جي نماز کان پوءِ تقريباً **9 لڳي 45 منٽن** تي اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو، جنهن ۾ شيخِ طريقت، امير اهلسنت، مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ

الْعَالِيَه سوالن جا جواب بہ عنايت فرمائيندا. سيئي ذميدار ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ بہ شرڪت فرمائن ۽ ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏين. ◈ شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العاليه يا خليفہِ اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العاليه هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب بہ ارشاد فرمائيندا آهن. ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالي **فيضانِ حضور مفتيءِ اعظم هِند** رَحمةُ اللهِ عَلَيْه جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ بہ پڙهو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا جهڙوڪ واٽس ايپ وغيره استعمال ڪندا آهن، اُهي رضاءِ الٰهي ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت سان هي رسالو ٻين سان بہ شيئر(***Share***) ڪريو. ◈ مڪتبة المدينہ سيدُ الشهداء، امامِ عالي مقام حضرت امام حسين رَضِيَ اللهُ عنه جي سيرت، فضائل ۽ ڪرامتن تي مشتمل هڪ تمام پيارو ڪتاب **شانِ امام حسين** رَضِيَ اللهُ عنه شايع ڪيو آهي. هي ڪتاب مڪتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان **100 روپين** ۾ حاصل ڪريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!    صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ ڪجھ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِيْ فَقَدْ اَحَبَّنِيْ وَمَنْ اَحَبَّنِيْ كَانَ مَعِيَ فِي الْجَنَّةِ يعني جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اُهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو. (1)

سينہ تيری سُنّت کا مدينہ بنے آقا! | جنت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

1…تاريخ مدينہ دمشق، جلد:9، صفحہ:343.

## واعدي جي پابندي ڪرڻ سنت آهي

**2 فرامينِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **(1):** جيڪو واعدو پورو نہ ٿو ڪري ان جو ڪو ايمان نہ آهي.[1] **(2):** جيڪو مسلمان پنهنجي ڀاءُ سان واعدي خلافي ڪري، ان تي الله پاڪ، ملائڪن ۽ سڀني انسانن جي لعنت آهي.[2]

اي عاشقانِ رسول! واعدو پورو ڪرڻ سنتِ مصطفيٰ، بلڪ سنتِ انبياء آهي ◈ اسان جا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم واعدي جا تمام گهڻا پڪا هئا ۽ واعدو ٽوڙڻ کي سخت ناپسند فرمائيندا هئا ◈ اعلانِ نبوت کان اڳ هڪ ڀيري هڪ شخص ڪين عرض ڪيو: اوهان ترسو! مان اِجهو واپس اچان ٿو، اُهو شخص هليو ويو، پر ڪانئس واپس اچڻ وسري ويو. ٽن ڏينهن کان پوءِ ڪيس ڀيهر ياد آيو. جڏهن هُو انهيءَ جاءِ تي پهتو تہ هي ڏسي حيران ٿي ويو تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم 3 ڏينهن گذرڻ جي باوجود بہ اتي ئي تشريف فرما هئا ۽ مَاشَآءَ الله! شفقت، رحمت ۽ حسنِ اخلاق ڏسو جو پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي دڙڪا نہ ڏنا ۽ نہ ئي ڪاوڙ جو اظهار فرمايو، بس ايترو فرمايائون تہ: اي شخص! تون مون کي مشقت ۾ وجهي ڇڏيو.[3] الله پاڪ اسان کي بہ سنتِ سرڪار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي عمل ڪندي واعدو پورو ڪرڻ وارو بڻائي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب **بهار شريعت** جلد: 3 مان حصو 16 ۽ شيخ طريقت، امير اهل سنت **مولانا الياس**

---

1… مصنف ابْنِ اَبِي شيبہ، ڪتاب الايمان، جلد:7صفحہ:223۔
2… بخاری، کِتاب الجِزْيہ، باب اثم من عاهد ثم غدر، صفحہ:815، حديث:3179۔
3… اَبُو داؤد، ڪتاب ادب، باب فی العدة، صفحہ:781، حديث:4996۔

**قادري** دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو **91** صفحن تي مشتمل رسالو **550 سنتون ۽ آداب** خريد فرمايو ۽ پڙهو. سنتون سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪرڻ به آهي.

سنّتیں سیکھنے تین دِن کے لیے | ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِیْن بِجَاہِ خاتَمِ النَّبِیّٖن صلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴿1﴾ جمعو جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعو ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. [2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

---

1... افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ السادسۃ والخمسون، ص151ملخصًا

2... افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ الحادیۃ عشرۃ، ص 65

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

---

1...القول البديع، الباب الثانی، ص277
2...افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149
3...القول البديع، الباب الاول، ص3125

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[3]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31
2... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305
3 ... ابنِ عساكر ج 19، ص 155، حديث 4455